SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XII OF 2001

سنڌ ماليات (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1994 جي سنڌ ماليات ايڪٽ نمبر. XIII جي ترميم
Amendment of Sindh Finance Act No.XIII of 1994

3. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعات 9 ۽ 9_A جي تبديلي
Substitution of section 9 and 9_A of Sindh Act XIII of 1994

4. توثيق
Validation

5. دائره اختيار تي پابندي
Jurisdiction barred

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XII OF 2001

سنڌ ماليات (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[24 فيبروري 2001]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي ماليات ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي تہ جيئن سنڌ صوبي ۾ هوائي يا ساموندي رستي داخل ٿيندڙ يا ٻاهر ويندڙ شين جي بهتر نموني چڪاس واري ڊانچي ۾ واڌاري ۽ ترقي کي خصوصي طور تي يقيني بڻائڻ لاءِ ڊل لڳائي سگهجي.

جيئن تہ ذريعي ماليات ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي تہ جيئن سنڌ صوبي ۾ داخل ٿيندڙ يا ٻاهر ويندڙ شين يا ملڪ کان هوائي يا ساموندي رستي داخل ٿيندڙ يا ٻاهر ويندڙ شين جي بهتر نموني چڪاس واري ڊانچي ۾ واڌاري جي ۽ ترقي کي خصوصي طور تي يقيني بڻائڻ لاءِ ڊل لڳائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينشل

ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مالياتي (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

سنڌ مالياتي ايڪٽ 1994 جي سنڌ مالياتي ايڪٽ نمبر. XIII جي ترميم

Amendment of Sindh Finance Act No.XIII of 1994

2. سنڌ مالياتي ايڪٽ، 1994 ۾، دفعه 9 لاءِ بشمول وضاحت جي ۽ دفعه 9_A لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

سنڌ جي ايڪٽ XIII 1994 جي دفعات 9 ۽ 9_A جي تبديلي

Substitution of section 9 and 9_A of Sindh Act XIII of 1994

"9. ڍانچي جي خاص واڌاري ۽ ترقيءَ تي ڍل لڳائڻ. (1) سنڌ صوبي ۾ داخل ٿيندڙ يا صوبي کان ٻاهر ويندڙ يا هوائي يا سمنڊ رستي ملڪ کان ٻاهر ويندڙ شين جي بهتر ۽ محفوظ نموني چرپر لاءِ انفرااسٽرڪچر جي خاص جوڙجڪ ۽ ترقي لاءِ هڪ ڍل لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

"وضاحت. هن دفعه جي مقصد لاءِ، لفظ "انفرااسٽرڪچر" ۾ اچي وڃن ٿا، روڊ، گهٽيون، پليون، نندڙيون پليون، رستن تي لائيٽون، رستن تي ٻوٽا، سمنڊ ڪنارا، عوامي پارڪون، عوام جي تفريح ۽ سهولت جا هنڌ، ڪاڏي پيتي جا هنڌ، ماڳ،

جهنگ، فشريز، ڊيلٽا کي محفوظ بڻائڻ، ڍنڍون، آبي جيوت، جهنگلي جيوت ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن، پبلڪ اسڪولز، ووڪيشنل ۽ ٽيڪنيڪل ٽريننگ سينٽرس ۽ پروجيڪٽس، لائبريريز، ميوزيمس ۽ ساڳئي قسم جا ادارا جيڪي صوبي طرفان سنڀاليا ۽ مالي تعاون ڪيو وڃي، شين جي سني ۽ محفوظ نموني چرپر لاءِ ٽرئفڪ جو انتظام، پبلڪ آرڊر، پوليس فورس، شين جي حفاظت لاءِ گشت، شين جي چاڙهڻ ۽ لاهڻ جا اسٽينڊس، پارڪنگ جون جايون، مارڪيٽون، واٽر سپلاءِ، اسپتالون ۽ ڊسپينسريون ۽ ترقي، سڌاري، مرمت ۽ اهڙن معاملن جو تحفظ وغيره شامل آهن.

(2) ڊل مان حاصل ٿيندڙ رقم انفرا اسٽرڪچر جي خاص مرمت ۽ ترقيءَ لاءِ استعمال ڪئي ويندي ۽ ٻين اهڙين لاڳاپيل سرگرمين لاءِ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

توثيق
Validation

3. جيستائين ڪجهه ڪنهن قانون، قاعدن يا فيصلي، حڪم يا ڪنهن عدالت جي فيصلي جي متضاد نه هجي:

(i) هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 موجب مڙهيل، ڪٽيل، لڳايل ۽ وصول ڪيل انفرا اسٽرڪچر في موٽر نموني مڙهيل، ڪٽيل، لڳايل ۽ وصول ڪيل سمجهيا ويندا.

(ii) هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 جي دفعه 9 تحت ڪيل ڪنهن ڪم، ڪينل قدم، لڳايل ڪاٽي ۽ ڪيل وصولي، جاري ڪيل حڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ۽ سنڌ ڊولپمينٽ اينڊ مينٽيننس آف انفرا اسٽرڪچر في رولز، 1994 موجب

انفرا اسٽرڪچر فيس جي سلسلي ۾ موثر نموني ڏل جي سلسلي ۾ ڪيل، ڪنيل، ناهيل يا منظور ڪيل سمجهيا ويندا ۽ هميشہ ايئن ئي موثر سمجهيا ويندا.

دائره اختيار تي پابندي
Jurisdiction barred

4. هن آرڊيننس جي ڪا بہ گنجائش يا ان سلسلي ۾ ڪيل ڪنهن حڪم تي ڪنهن عدالت سامهون سوال نہ اٿاريو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي